هفتيوار سنتن ڀري اجتماع ۾ ٿيڻ وارو

# سُنّتن ڀريو بيان

23-06-2016



(Sindhi)

## حضرت عائشه رَضِیَ اللہُ تَعَالٰی عَنۡہَا جي شانِ علمي

اَلْحَمْدُ لِلّٰهِ رَبِّ الْعٰلَمِيْنَ وَ الصَّلٰوةُ وَ السَّلَامُ عَلٰى سَيِّدِ الْمُرْسَلِيْنَ

اَمَّا بَعْدُ فَاَعُوْذُ بِاللّٰهِ مِنَ الشَّيْطٰنِ الرَّجِيْمِ ط بِسْمِ اللّٰهِ الرَّحْمٰنِ الرَّحِيْمِ ط

# حضرت عائشه جي شانِ علمي

اَلصَّلٰوةُ وَالسَّلَامُ عَلَيْكَ يَا رَسُوْلَ الله — وَعَلٰى اٰلِكَ وَاَصْحٰبِكَ يَا حَبِيْبَ الله

اَلصَّلٰوةُ وَالسَّلَامُ عَلَيْكَ يَا نَبِيَّ الله — وَعَلٰى اٰلِكَ وَاَصْحٰبِكَ يَا نُوْرَ الله

نَوَيْتُ سُنَّتَ الْاِعْتِكَافِ

**(مون سنّتِ اعتڪاف جي نيّت ڪئي)**

جڏهن به مسجد ۾ داخل ٿيو، ياد اچڻ تي نفلي اعتڪاف جي نيّت ڪري ونندا ڪريو، جيستائين مسجد ۾ رهندؤ نفلي اعتڪاف جو ثواب حاصل ٿيندو رهندو ۽ ضمنًا مسجد ۾ ڪائڻ پيئڻ به جائز ٿي ويندو.

## دُرود جي فضيلت

رحمت عالميان صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جو فرمانِ رحمت نشان آهي: اي انسانو! بيشڪ قِيامت جي ڏينهن ان جي دَهشتن ۽ حِساب ڪتاب مان جَلْد نجات حاصل ڪرڻ وارو اهو شخص هوندو جنهن توهان مان مون تي دُنيا ۾ ڪثرت سان دُرُود شريف پڙهيا هوندا.[(1)]

پڑھتا رہوں کثرت سے دُرود ان پہ سدا میں

اور ذکر کا بھی شوق پئے غوث و رضا دے

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيْب! — صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلٰى مُحَمَّد

---

[1] ... فردوس الاخبار ، ۲ / ۴۷۱،حديث: ۸۲۱۰



www.dawateislami.net

**مَنا مَنا اسلامي ڀائرو!** ثواب حاصل ڪرڻ خاطر بيان ٻڌڻ کان پهريان سٺيون سٺيون نِيّتون ڪري وٺون ٿا.

**فرمانِ مصطفيٰ** صَلَّی اللّٰہ تَعَالٰی عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم: "نِيَّةُ الْمُؤْمِنِ خَيْرٌ مِّنْ عَمَلِهٖ" **يعني مسلمان جي نِيّت ان جي عمل کان بهتر آهي.** (المعجم الكبير،سهل بن الساعدي...الخ ج 6، ص 185، الحديث: 5942)

**ٻمدنيگُل:** (1) بغير سٺي نيّت جي ڪنهن بہ نيڪ عمل جو ثواب ناهي ملندو.

(2) جيتريون سٺيون نِيّتون وڌيڪ، اوترو ثواب بہ وڌيڪ.

## بيان ٻڌڻ جون نِيّتون

❁ نگاهون جهڪائي پوري توجهه سان بيان ٻڌندس ❁ ٽيڪ لڳائي ويهڻ بدران علمِ دين جي تعظيم خاطر جيترو ٿي سگهيو ٻئي گوڏا وچائي ويهندس ❁ ضرورت پوڻ تي ٻين جي لاءِ سِرڪي جاءِ ڪشاده ڪندس ❁ ڌِڪو وغيره لڳو تہ صبر ڪندس، گهوري ڏسڻ ۽ اَٽڪڻ کان بچندس ❁ صَلُّوا عَلَى الحَبِيب! اُذْكُرُوالله , تُوبُوا اِلَى الله! وغيره ٻڌي ثواب ڪمائڻ ۽ صدا لڳائڻ وارن جي دِل جوئي جي لاءِ بلند آواز سان جواب ڏيندس ❁ بيان کان پوءِ پاڻ اڳتي وڌي سلام، مصافحو ۽ انفرادي ڪوشش ڪندس.

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيْب! صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلٰى مُحَمَّد

**مَنا مَنا اسلامي ڀائرو!** سترهن (17) رمضانُ المبارَڪ اُمُّ المومنين حضرت سيدَتُنا عائشہ صِدِّيقہ رَضِیَ اللّٰہُ تَعَالٰی عَنْهَا جو يومِ وِصال آهي، ان ڪري انهيءَ مُناسبت سان اڄ حضرت سيدَتُنا عائشہ صِدِّيقہ رَضِیَ اللّٰہُ تَعَالٰی عَنْهَا جو ذِڪرِ خير ۽ خاص ڪري پاڻ رَضِیَ اللّٰہُ تَعَالٰی عَنْهَا جي شان علمي ٻڌڻ جي سعادت حاصل ڪنداسين. اللّٰہ عَزَّوَجَلَّ جي فضل و ڪرم سان حضرت سيدَتُنا عائشہ صِدِّيقہ رَضِیَ اللّٰہُ تَعَالٰی عَنْهَا زُهدو تقويٰ،



www.dawateislami.net

سَخاوَت و شُجاعت ۾ عبادت و رِياضت جهڙي ڪيترين ئي بهترين خوبين سان گڏوگڏ ڪافي عُلُوم و فُنُون ۾ به پنهنجي مٽ پاڻ هيون. جيئن ته

## سيدَتُنا عائشه رَضِیَ اللّٰہُ تَعَالٰی عَنْہَا جي فقهي ۽ طِبّي مهارت

حضرت سيدُنا عُرْوَه بن زبير رَضِیَ اللّٰہُ تَعَالٰی عَنْہُمَا جيڪي حضرت سَيدَتُنا عائشه صِدّيقه رَضِیَ اللّٰہُ تَعَالٰی عَنْہَا جا ڀاڻيجا (۽ سندن رَضِیَ اللّٰہُ تَعَالٰی عَنْہَا جي ڀيڻ حضرتِ اَسْماء رَضِیَ اللّٰہُ تَعَالٰی عَنْہَا جا پٽ) آهن، انهن جو بيان آهي ته فقه ۽ حديث جي علاوه به مون حضرت سيدَتُنا عائشه صِدِّيقه (رَضِیَ اللّٰہُ تَعَالٰی عَنْہَا) کان وڌيڪ ڪنهن کي عربي شعر ڄاڻڻ وارو نه ڏٺو، علمِ طِبّ ۾ مريضن جي عِلاج مُعالَجي ۾ به انهن کي ڪافي مَهارَت هئي. [1] انهيءَ عُروه رَضِیَ اللّٰہُ تَعَالٰی عَنْہُ جي باري ۾ عَلّامه زُرقاني رَحْمَۃُ اللّٰہِ تَعَالٰی عَلَیْہ نقل فرمائن ٿا ته انهن هڪ ڏينهن حيران ٿي حضرت سيدَتُنا عائشه رَضِیَ اللّٰہُ تَعَالٰی عَنْہَا کي عرض ڪيائون ته اي اَمّان سائڻ! اوهان رسول الله صَلَّی اللّٰہُ تَعَالٰی عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم جي گهرواريءَ ۽ حضرت سيدُنا ابوبڪر صِدِّيق رَضِیَ اللّٰہُ تَعَالٰی عَنْہُ جي ڌيءَ هئڻ جو شرَف ماڻيو آهي (تنهنڪري انهيءَ شرف جي ڪري) علمِ فقه ۾ اوهان کي جيڪا مهارَت حاصل آهي مون کي ان تي حيرانگي ناهي، اهڙي طرح مون کي ان تي به ڪو تعجُّب ۽ حيراني ناهي جو اوهان کي ايتري قدَر وڌيڪ عربي شعر ڪيئن ۽ ڪهڙي طرح ياد ٿي ويا؟ اِن ڪري جو مان ڄاڻيان ٿو ته اوهان اميرُالمُؤمنين حضرت سيدُنا ابوبڪر صِدِّيق رَضِیَ اللّٰہُ تَعَالٰی عَنْہُ جي نياڻي آهيو (۽ جيئن ته اهي فنّ شعر ۾ ماهر هئا ان ڪري اُنهن جي ڪري اوهان کي به هن فَن ۾ به مهارَت حاصل ٿي وئي) پر مان هن ڳالهه تي نهايت ئي حيران آهيان جو آخِر اها طبّي مَعلومات اوهان کي ڪٿان کان ۽

---

[1] ...سيرتِ مصطفی، ص۶۶۱تا ۶۶۲، ملتقطاً



www.dawateislami.net

ڪيئن حاصل ٿي؟ اهو ٻڌي حضرت سيدَتُنا عَائِشہ صِدّيقہ رَضِیَ اللہُ تَعَالٰی عَنْہَا پنهنجي ڀاڻيجي سيدُنا عُروَه رَضِیَ اللہُ تَعَالٰی عَنْہُ جي ڪلهن تي ٿپڪي ڏيندي ارشاد فرمايو: اي عُروَه (رَضِیَ اللہُ تَعَالٰی عَنْہُمَا)! اللهعَزَّوَجَلَّ جي حبيب صَلَّی اللہُ تَعَالٰی عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم جي آخِري عمر شريف ۾ اڪثر طبيعت ناساز ٿي ويندي هئي ۽ عرب ۽ عجم جا حڪيم پاڻ صَلَّی اللہُ تَعَالٰی عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم جي لاءِ دوائون تجويز ڪندا هئا ۽ مان انهن دوائن ذريعي پاڻ صَلَّی اللہُ تَعَالٰی عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم جو علاج ڪندي هئيس (ان ڪري مون کي طبّي مَعلومات بہ حاصِل ٿي وئي).[1]

صَلُّوا عَلَی الْحَبِیْب! صَلَّی اللّٰهُ تَعَالٰی عَلٰی مُحَمَّد

سُبحٰنَ الله عَزَّوَجَلَّ ! مٺا مٺا اسلامي ڀائرو!! ڏٺو اوهان تہ اُمُّ المؤمنين حضرت سيدَتُنا عائشہ رَضِیَ اللہُ تَعَالٰی عَنْہَاجي گهري نظر ۽ زبردست قوّتِ حافظي جو ڇا عالَم هو جو رسول الله صَلَّی اللہُ تَعَالٰی عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم جي علاج مُعالَجي جي لاءِ تجويز ڪيل دوائن کي ياد ڪرڻ جو سلسلو جاري رکيو، ايستائين جو پاڻ رَضِیَ اللہُ تَعَالٰی عَنْہَا فَنّ طِبّ ۾ ماهر ٿي ويون، بِلاشبہ هن ۾ رحمتِ الٰهي اوهان سان گڏ هئي، هن ۾ اوهان جي ڀرپور توجُّہ ۽ بهترين حافظي جو بہ وڏو ڪردار آهي. فقهي مسائل ۽ طِبّي معلومات سان گڏوگڏ اوهان رَضِیَ اللہُ تَعَالٰی عَنْہَا کي قرآن و حديث کي سمجهڻ جي معاملي ۾ بہ اعليٰ صلاحيت حاصل هئي، اهو ئي سبب آهي جڏهن ڪنهن مسئلي جي وضاحت يا آيت جي تفسيرو تشريح وغيره جي معاملي ۾ صحابہٴ ڪرام عَلَیْہِمُ الرِّضْوَان کي ڪنهن قِسم جي پريشاني ٿيندي هئي تہ اهي مُؤمِنَن جي ماءُ سيدَتُنا عائشہ رَضِیَ اللہُ تَعَالٰی عَنْہَا جي بارگاهہ مُقَدَّسہ ۾ حاضر ٿي ويندا هئا، ان ڪري جو اهي ڄاڻيندا هئا تہ امان سائڻ رَضِیَ اللہُ تَعَالٰی عَنْہَا کي بارگاهہ رسالت صَلَّی اللہُ تَعَالٰی عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم ۾ خاص قُرب حاصل آهي ۽

---

[1] ...شرح المواهب، المقصد الثانى، الفصل الثالث فى ذكر ازواجہ الطاهرات، عائشۃ ام المؤمنين، ۳۸۹/۴ تا۳۹۲ملخصاً



www.dawateislami.net

پاڻ صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي سيني گهروارين ۾ فِقهي مسائل ڄاڻڻ ۽ قرآنِ ڪريم سمجهڻ جي سڀ کان وڌيڪ قابليت اوهان رَضِیَ اللّٰہُ تَعَالٰی عَنْہَا جي ئي حصّي ۾ آئي، يقيناً اهو سڀ صحبتِ مُصْطَفٰي جو ئي تہ فيضان هو جو جنهن جي بدولت پاڻ رَضِیَ اللّٰہُ تَعَالٰی عَنْہَا کي عُلُوم و فُنُون جي ميدان ۾ بي مثال و باڪمال عِلمي موتي عطا ٿيا، ايستائين جو سندن رَضِیَ اللّٰہُ تَعَالٰی عَنْہَا کي پاڪيزه ۽ مُقَدَّس ڪلام، قرآنِ ڪريم جي آيتن جي باقاعده شانِ نزول ۽ حج وغيره جي مسائل جي بہ چڱي طرح ڄاڻ هئي جنهن کي پاڻ رَضِیَ اللّٰہُ تَعَالٰی عَنْہَا اَصحابِ رسول عَلَيهِمُ الرِّضْوَان جي سامهون نهايت ئي شاندار انداز ۾ بيان فرمائينديون هيون.

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيْب! صَلَّى اللهُ تَعالٰى عَلٰى مُحَمَّد

**منا منا اسلامي ڀائرو!** اها هڪ اٽل حقيقت آهي تہ مختلف قسم جا گل پنهنجي اندر طرح طرح جي ڪشش، خوبصورتي، خوشبو ۽ فائدا رکندا آهن، ۽ اهي دلؔ ۽ دماغ کي تازگي بخشن ٿا، يقيناً انهن گلن جي اهميت کان انڪار ممڪن ناهي پر هن حقيقت کي بہ نٿو رد ڪري سگهجي تہ جيڪو رُتبو گلاب جي گل کي حاصل آهي، اهو ڪنهن ٻي گل کي حاصل ناهي، ڇوتہ اهو اهڙو خوبصورت ۽ دلڪش گل آهي، جنهن کي هر لحاظ سان ٻين سيني گلن تي فوقيت حاصل آهي، اهڙي طرح سيئي اُمَّهاتُ المُؤمنين رَضِیَ اللّٰہُ تَعَالٰی عَنْہُم اَجْمَعِیْن بہ مقام ۽ مرتبي ۽ فهم و فراست ۾ ٻين عورتن کان لائق و فائق، سڀ جون سڀ اعليٰ درجي جون وِليات، نهايت عُمده صفتن سان آراستہ، علم و عمل جون حقيقي آئينہ دار ۽ اُمّت جون مائرون آهن پر علمي اعتبار سان اُمُّ الْمُوْمنين حضرت سَيدَتُنا عائشہ صِدّيقہ رَضِیَ اللّٰہُ تَعَالٰی عَنْہَا جي ذاتِ مُقَدَّسہ سڀ کان ممتاز آهي، پاڻ رَضِیَ اللّٰہُ تَعَالٰی عَنْہَا کي ڪيئي عُلُوم و فُنُون ۾ ايتري قدر ڪامل درجي جي مهارت حاصل هئي جو اڄ تائين دُنيا ۾



www.dawateislami.net

سندن فَقاهت و عِلْميت جي شهرت سيني تي ظاهر آهي، نگاهِ مُصْطَفٰي صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي بدولت پاڻ رَضِيَ اللّٰهُ تَعَالٰى عَنْهَا زماني جون مُفْتِيه، عالِمه، مُحَدِّثه ۽ مُفَسِّره سڏائيون وينديون آهن، پاڻ رَضِيَ اللّٰهُ تَعَالٰى عَنْهَا جي دربارِ عاليشان مان هميشه ئي علمِ دين جون شعاعون روشن ٿينديون رهيون، ايستائين جو سندن رَضِيَ اللّٰهُ تَعَالٰى عَنْهَا پاڻ کي سڄي زندگي علمِ دِين جي خدمت جي لاءِ وقف ڪري ڇڏيو هو جيئن.

حضرتِ سيدُنا قاسِم رَضِيَ اللّٰهُ تَعَالٰى عَنْهُ فرمائن ٿا: اُمُّ المؤمنين حضرت سيِّدَتُنا عائشه صِدِّيقه رَضِيَ اللّٰهُ تَعَالٰى عَنْهَا (پنهنجي والدِ محترم) حضرت سيدُنا صِدِّيقِ اَڪبر رَضِيَ اللّٰهُ تَعَالٰى عَنْهُ جي دؤر خِلافت ۾ ئي مُستقِل طور تي اِفتاء جي مَنصَب تي فائز ٿي چڪيون هيون، ۽ حضرت سَيدُنا عُمَرفاروق، حضرت سَيدُنا عُثمان رَضِيَ اللّٰهُ تَعَالٰى عَنْهُمَا ۽ ان کان پوءِ پنهنجي وصالِ مبارڪ تائين لاڳيتو فتويٰ ڏينديون رهيون.[1] شارح بخاري حضرت علّامه بدرُ الدين عَيني رَحْمَةُ اللّٰهِ تَعَالٰى عَلَيْه فرمائن ٿا ته سندن رَضِيَ اللّٰهُ تَعَالٰى عَنْهَا جو شُمار فقهي مسائل ۾ زبردست مهارت رکڻ وارن صحابه ڪرام عَلَيهِمُ الرِّضْوَان ۾ ٿيندو آهي ۽ جن ڇهن (6) صحابه سڳورن عَلَيهِمُ الرِّضْوَان سڀ کان وڌيڪ حديث سڳوريون روايت ڪيون آهن انهن مان هڪ حضرت سَيدَتُنا عائشه صِدّيقه رَضِيَ اللّٰهُ تَعَالٰى عَنْهَا به آهن جو انهن کان 2210 حديث سڳوريون مروي آهن.[2]

مفسرِ شهير مُفتي احمد يارخان نعيمي رَحْمَةُ اللّٰهِ تَعَالٰى عَلَيْه مومنن جي ماءُ حضرت سيدَتُنا عائشه صِدّيقه، طَيبَه، طاهره،عابده، زاهده، مُفتيه،عالمه، مُفسّره، محدثه، مُجتهده، عفيَفه رَضِيَ اللّٰهُ تَعَالٰى عَنْهَا جي شانِ عظمت نشان ۾ لکن ٿا:

---

[1]… الطبقات الکبرٰی لابن سعد، ذکر من جمع القراٰن ...الخ، عائشة زوج النبی، ۲/۲۸۶

[2]… عُمْدَةُ الْقَارِی، کتاب بدء الوحی،بیان کیف کان بدء الوحی، ۳۸/۱



www.dawateislami.net

جن کا پہلو ہو نبی کی آخری آرام گاہ
آستاں اُن کا فرشتوں کی زیارت گاہ ہے
جن کے حجرے میں قیامت تک نبی ہوں جاگُزیں
کیونکہ اُس میں جلوہ فرما ہیں اِمامُ المرسلین
(دیوانِ سالک، ص ۳۱)

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيْب!        صَلَّى اللهُ تَعالٰى عَلٰى مُحَمَّد

اچو! حضرت سَيدَتُنا عائشہ صِدّيقہ طَيِّبہ طَاهِره رَضِیَ اللهُ تَعَالٰی عَنْهَا جي علمي جلالت ۾ سندن رَضِیَ اللهُ تَعَالٰی عَنْهَا جي عَالمانہ شان وشوکت تي مشتمل ہہ (2) روايتون ٻڌون ٿا تہ جيئن اسان ۾ بہ علمِ دين سکڻ جي جستجو ۾ شوق پيدا ٿئي جيئن

(1) حضرت سيدُناعُرْوَه رَضِیَ اللهُ تَعَالٰی عَنْهُ فرمائن ٿا: مون ماڻهن ۾ اُمُّ الْمُومنين حضرت سَيدَتُنا عائشہ صِدّيقہ رَضِیَ اللهُ تَعَالٰی عَنْهُمَا کان وڌيک کنهن کي قرآن، ميراث، حلال وحرام، شعر، اَقوالِ عرب ۽ علمِ نسب جو عالم نہ ڏٺو.[1]

(2) حضرت سيدُنا اَبوسَلمہ رَضِیَ اللهُ تَعَالٰی عَنْهُ فرمائن ٿا تہ مون نہ تہ احاديثِ رسول جي معاملي ۾ اُمُّ المومنين حضرتِ سيدَتُنا عائشہ صِدّيقہ رَضِیَ اللهُ تَعَالٰی عَنْهَا کان وڌيک کنهن کي نہ عالِم ڏٺو، نہ کنهن اهڙي مُعامَليَ ۾ اُنهن کان وڌيک کنهن کي فقيہ ڏٺو تہ جنهن ۾ رائي جي حاجت هجي، وڌيک فرمائن ٿا تہ نہ قرآني آيتن جي شانِ نزول کي انهن کان وڌيک نہ کو ڄاڻڻ وارو هو نہ ئي علمِ ميراث ۾ انهن کان وڌيک کو ماهر هو.[2]

**مٺا مٺا اسلامي ڀائرو!** هاڻي جيکي اسان روايتون ٻڌيون، اُنهن جي روشني ۾ هن ڳالھ جو بخوبي اندازو لڳائي سگهجي ٿو تہ اللهعَزَّوَجَلَّ جي

---

[1] … حلية الاولياء،ذكر النساء الصحابيات، عائشة زوج رسول الله، ۲/۶۰، رقم: ۱۴۸۲
[2] … الطبقات الكبرٰى لابن سعد،ذكر من جمع القران على عهد رسول الله،عائشة زوج النبى، ۲/۲۸۶



www.dawateislami.net

خُصُوصي فضل و ڪرم ۽ مُصْطَفٰي جانِ رحمت صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي نظرِ عنايت سان مؤمنن جي پياري ماءُ حضرت سَيدَتُنا عائشہ صِدّيقه رَضِيَ اللهُ تَعَالٰى عَنْهَا کي زبردست علمي شان و شوڪت، فِقهي بصارت، عُلُومِ قرآنيہ ۾ مهارت ۽ علمِ ميراث وغيره ۾ اعليٰ درجي جي صلاحيت حاصل هئي، اهو ئي سبب آهي جو جڏهن ڪنهن مسئلي ۾ صحابہ ڪرام عَلَيهِمُ الرِّضْوَان کي ڪنهن قسم جي ڏکيائي ۽ دُشواري پيش ايندي هئي تہ اهي حضرات پنهنجي علمي اُڃ پوري ڪرڻ جي لاءِ ۽ پنهنجي ڏکيائي کي سُلجهائڻ جي لاءِ بنا ڪنهن روڪ جي اوهان رَضِيَ اللهُ تَعَالٰى عَنْهَا جي بارگاھ عاليہ ۾ حاضر ٿي ويندا هئا جيئن تہ

حضرت سيدُنا ابُو مُوسيٰ رَضِيَ اللهُ تَعَالٰى عَنْهُ فرمائن ٿا تہ اسان رسول الله صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي صحابين (عَلَيهِمُ الرِّضْوَان) تي جڏهن بہ ڪا ڳالھ مشڪل ايندي هئي تہ اسان اُمُّ المؤمنين حضرت سيدَتُنا عائشہ صِدّيقه رَضِيَ اللهُ تَعَالٰى عَنْهَا کان ان باري ۾ سُوال ڪندا آهيون ۽ سندن رَضِيَ اللهُ تَعَالٰى عَنْهَا وَٽ ان جو علم حاصل ڪندا هئاسين.[1]

مُفَسّرِ شَهير، حڪيمُ الأُمَّت مفتي احمد يار خان رَحْمَةُ اللهِ تَعَالٰي عَلَيه هن حديث شريف جي شرح ۾ فرمائن ٿا: اڄا تائين ڪا بي بي اهڙي عالِمہ فقيهہ پيدا ناهي ٿي، جهڙي اُمُّ المؤمنين جنابِ عائِشہ صِدّيقه رَضِيَ اللهُ تَعَالٰى عَنْهَا هئي. پاڻ رَضِيَ اللهُ تَعَالٰى عَنْهَا عُلُومِ قرآنيہ، عُلُومِ حديث جون جامع هيوَن، وڏي محدِّثہ ۽ فقيہ هيون.[2]

کيوں نہ ہو رُتبہ تمہارا اہلِ ایماں میں بڑا
سب تو ہیں مومن مگر آپ اُمُّ الْمُومنین
(دیوانِ سالک، ص ۳۱)

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيْب! صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلٰى مُحَمَّد

---

1... ترمذی،ابواب المناقب ،باب فضل عائشةرضی الله عنها،۵/ ۳۷۱،حدیث:۳۹۰۹
2... مرآة المناجيح، ۸/۵۰۵



www.dawateislami.net

**مٺا مٺا اسلامي ڀائرو!** بيان ڪيل حديث شريف ۽ ان جي شرح مان اها ڳالهه چڱي طرح واضح ٿي وئي تہ اُمُّ الْمُومنين حضرت سَيِدَتُنا عائشہ صِدّيقہ رَضِیَ اللهُ تَعَالٰی عَنۡهَا فضلِ خدا ۽ فيضانِ مُصْطَفٰي سان عورت ٿي ڪري بہ شرعي مسئلن ۾ ڪامل مهارت رکنديون هيون ۽ علم جي باريڪين مان بہ پوري طرح باخَبَر هيون، تڏهن تہ پاڻ رَضِیَ اللهُ تَعَالٰی عَنۡهَا مشڪل کان مشڪل مسئلن کي بہ ايتري قدر شاندار انداز ۾ حل ڪنديون هيون جو سوال ڪندڙ جي ذهن ۾ ڪنهن قسم جي تِشنَگي باقي نہ رهندي هئي، پنهنجي حياتِ طَيبہ ۾ پاڻ رَضِیَ اللهُ تَعَالٰی عَنۡهَا ڪيئي اهم عُلُوم و فُنُون تي عُبور حاصل ڪري جڻ باقي دُنيا جي عورتن کي اهو مدني پيغام عطا فرمايو تہ علمِ دين جي برڪتن ۽ ان جي فيض سان فيضياب ٿيڻ صرف مردن سان خاص ناهي، جيڪڏهن عورتون بہ همّت ڪن تہ اهو ڏينهن پري ناهي جو انهن ۾ بہ ڪا عالمہ، ڪا محدّثہ، ڪا مفسّره بلڪ مُفْتِيہ بڻجي ايري اچن ۽ مُعاشري جي بگاڙ کي سُڌارڻ ۾ پنهنجو ڪردار اَدا ڪن، پر افسوس! بدقسمتي سان هاڻي اهڙي مدني سوچ رکڻ وارين جو تعداد نهايت گهٽ آهي ۽ مردن جيان عورتن جي بہ اڪثريت علمِ دين کان محروم آهي شايد انهيءَ ڪري اسان جو معاشرو بي شُمار ديني ۽ دُنياوي پستين جو شڪار نظر اچي رهيو آهي.

شيخ الحديث، حضرت علاّمہ عبدُ المُصْطَفٰي اعظمي رَحۡمَةُ اللهِ تَعَالٰی عَلَيۡه فرمائن ٿا: اڄڪلہ مسلمان مردن ۽ عورتن ۾ علمِ دين سکڻ سکائڻ ۽ ديني ڳالهين کي ڄاڻڻ جو جذبو ۽ ذوق و شوق تقريباً متجي چڪو آهي ان ڪري هر پاسي بي عملي جو سيلاب وڌندو پيو وڃي. هزارين نوجوان ڇوڪرا ۽ ڇوڪريون دين ۽ مذهب کان آزاد ۽ خُدا عَزَّوَجَلَّ ۽ رسول صَلَّی اللهُ تَعَالٰی عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم کان بيزار ٿي جانورن وانگر بي لگام ٿي رهيا آهن. هن بي عملي جي طوفان



www.dawateislami.net

جو هڪ ئي سبب آهي جو مسلمانن پاڻ ۾ دين جوعلم پڙهڻ ڇڏي ڏنو آهي ۽ پنهنجي ٻارن کي ۾ علمِ دين نٿا پڙهائن، ان ڪري بيحد ضروري آهي ته مسلمان مرد ۽ عورت پاڻ ۾ فُرصت ڪڍي دين جي ضروري ڳالهين جو علم حاصل ڪن ۽ پنهنجن ٻارن ۽ ٻارڙين کي ۾ ضروري ڳالهيون ننڍپڻ کان ئي ٻڌائيندا ۽ سيکاريندا رهن، جيڪڏهن پنهنجن ٻارن کي علم دين پڙهائي عالم نه ٿا ٺاهي سگهن ته گهٽ ۾ گهٽ انهن کي دين جو ايترو علم ته سيکاري ڇڏين ته اهي مسلمان باقي رهجي وڃن.[1]

صَلُّوا عَلَى الْحَبِيْب! صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلٰى مُحَمَّد

**مٺا مٺا اسلامي ڀائرو!** بيشڪ علم اها عظيم وصف اهي جو جنهن جي برڪت سان اُمُّ الْمُومنين حضرت سَيدَتُنا عائشہ صِدّيقہ طَيبہ طاهره رَضِيَ اللّٰهُ تَعَالٰی عَنْهَا کي ٻين اَزواجِ مُطَهرَات رَضِيَ اللّٰه تَعَالٰي عَنْهنَّ تي هڪ خاص برتري حاصل رهي، جڏهن ته سيئي گهرواريون رَضِيَ اللّٰه تَعَالٰي عَنْهنَّ پنهنجي پنهنجي جڳهه تي عِلمي ميدان جون زبردست شهسُوار هيون پر حديثِ پاڪ جي روشني ۾ جيڪڏهن حضرت عائشہ صِدّيقہ رَضِيَ اللّٰه تَعَالٰی عَنْهَا جي علم جو هن اُمّت جي سيني عورتن جي علم سان ڀيٽ ڪئي وڃي ته اُمَّهاتُ المومنين سميت اُمّت جي سيني عورتن تي پاڻ رَضِيَ اللّٰهُ تَعَالٰی عَنْهَا جي علمي برتري غالب ايندي. جيئن ته

پياري آقا، مديني واري مُصْطَفٰي صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم هڪ ڀيرو پاڻ رَضِيَ اللّٰهُ تَعَالٰی عَنْهَا جي علمي شان و شوڪت کي بيان ڪندي ارشاد فرمايو: جيڪڏهن هن اُمَّت جون تمام عورتن سان گڏ اَزواجِ نبي (رَضِيَ اللّٰه تَعَالٰي عَنْهنَّ) جي علْم کي ۾ گڏ ڪيو وڃي ته عائشہ (رَضِيَ اللّٰهُ تَعَالٰی عَنْهَا) جو علْم اُنهن سيني جي علم کان وڌيڪ هوندو .[2]

---

[1]... جنتی زیور،ص۴۵۷بتغیر قلیل

[2]... مَجْمَعُ الزوائد،کتاب المناقب،باب جامع فيما بقى من فضلها،۲۸۹/۹، حديث: ۱۵۳۱۸



www.dawateislami.net

آپ کا عِلم وفقہ تحقیقِ قرآن وحدیث
دیکھ کر حیراں ہیں سارے صحابہ تابعین

(دِیوانِ سالک)

## ڪتاب”فيضانِ عائشہ صِدِّيقہ“ جو تعارف

**مٺا مٺا اسلامي ڀائرو!** اُمُّ المُؤمنين حضرت سَيِّدَتُنا عائشہ صِدّيقہ رَضِیَ اللہُ تَعَالٰی عَنۡھَا جي سيرت بابت وڌيڪ معلومات جي لاءِ مڪتبة المدينہ جي شايع ٿيل ڪتاب ”فيضانِ عائشه صِدِّيقه“ جو مُطالعہ ڪرڻ نهايت مُفيد آهي.اَلۡحَمۡدُ لِلّٰه عَزَّوَجَلَّ هن ڪتاب ۾ حضرت سَيِّدَتُنا عائشہ صِدّيقہ رَضِیَ اللہُ تَعَالٰی عَنۡھَا جي علمي شان و شوڪت جو بيان آهي، سندن فرمان، ذوقِ عِبادت جو بيان آهي، هن ڪتاب ۾ سندن سخاوت، اِيثار، عشقِ رسول جو بيان آهي، هن ڪتاب ۾ اوهان جي اِنفراديت، اُمورِ خانہ داري، فرامينِ مصطفيٰ تي عمل جو بيان آهي، هن ڪتاب ۾ اوهان جي فصاحت، گِريہ وزاري، تواضع و اِنڪساري ۽ ان جي علاوه گهڻو ڪجهہ آهي، هن ڪتاب جا مضمون 215 ڪتابن مان اخذ ڪيا ويا آهن، اڄ ئي هن ڪتاب کي مڪتبة المدينہ جي بستي تان هَديو ڏئي طَلَب ڪري پاڻ بہ ان جو مُطالعو فرمايو، ٻين اسلامي ڀائرن ۽ خُصُوصاً پنهنجي گهر جي اسلامي ڀينرن کي بہ ان جي ترغيب ڏياريو. هن ڪتاب کي دعوتِ اسلامي جي ويب سائٽ www.dawateislami.net تان پڙهي بہ سگهجي ٿو ۽ ڊاؤن لوڊ (Download) ۽ پرنٽ آؤٽ (Print Out) بہ ڪري سگهجي ٿو.

**مٺا مٺا اسلامي ڀائرو!** علمِ دين حاصل ڪرڻ سان خوفِ خدا حاصل ٿيندو، علمِ دين حاصل ڪرڻ سان حلال ۽ حرام جي سڃاڻپ ٿيندي آهي، علمِ دين حاصل ڪرڻ سان ٻيو بہ گهڻو ڪجهه حاصل ٿيندو آهي، ان ڪري مڪتبة المدينہ جو



www.dawateislami.net

ڪتاب ”جنّت ۾ لے جانے والے اعمال“ جو مطالعه فرمايو ۽ رسالو **”علم و علماء ڪي شان“** جو مطالعه ﺑﻪ نهايت مفيدثابت ٿيندو.اِنْ شَآءَ الله عَزَّوَجَلَّ

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيْب! صَلَّى اللهُ تَعالٰى عَلٰى مُحَمَّد

**منا منا اسلامي ڀائرو!** يقيناً علم عظيم شيءِ آهي، علمِ دين سان الله عَزَّوَجَلَّ جي رِضا ۽ ان جي پياري حبيب صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي خُوشنودي حاصل ٿيندي آهي، علمِ دين سان انسان جو ظاهر ۽ باطن سنورجي ويندو آهي، علمِ دين سان جهالت جي اونداهي ختم ٿي ويندي آهي.

صحابهِ ڪرام ۽ صحابيات رَضِيَ اللهُ تَعَالٰى عَنْهُم،اُمُّ المؤمِنين حضرتِ سيدَتُنا عائشه صِدِّيقه رَضِيَ اللهُ تَعَالٰى عَنْهَا کان بين عِلمي سُوالات جي علاوه قرآنِ پاڪ جي تفسير جي باري ۾ ﺑﻪ پڇا ڪندا هئا، جيئن ته دعوتِ اسلامي جي اِشاعتي اِداري مڪتبة المدينه جي شايع ٿيل 743 صفحن تي مشتمِل ڪتاب ”جنّت ۾ لے جانے والے اَعمال“صفحي 615 تي آهي: حضرتِ سيدَتُنا اُمَيمَه رَضِيَ اللهُ تَعَالٰى عَنْهَا فرمائن ٿيون ته مون اُمُّ المؤمِنين حضرتِ سيدَتُنا عائشه صِدِّيقه رَضِيَ اللهُ تَعَالٰى عَنْهَا کان انهن آيتن جي باري ۾ پڇا ڪئي:

(پارو 3، البقره 284،النسا،123)

وَ اِنْ تُبْدُوْا مَا فِيْٓ اَنْفُسِكُمْ اَوْ تُخْفُوْهُ يُحَاسِبْكُمْ بِهِ اللّٰهُ ؕ فَيَغْفِرُ لِمَنْ يَّشَآءُ وَيُعَذِّبُ مَنْ يَّشَآءُ ؕ وَاللّٰهُ عَلٰى كُلِّ شَيْءٍ قَدِيْرٌ ﴿۲۸۴﴾

**ترجمو ڪنزالايمان:** ۽ جيڪڏهن توهان ظاهر ڪيو جو ڪجھ توهان جي دل ۾ آهي يا لڪايو الله توهان کان ان جو حساب وٺندو جنهن ڪي وٽيس معاف فرمائيندو ۽ جنهن ڪي گهري عذاب ڏيندو ۽ الله هر شيءِ تي قادر آهي.

ته اُمُّ المؤمِنين حضرتِ سيدَتُنا عائشه صِدِّيقه رَضِيَ اللهُ تَعَالٰى عَنْهَا فرمايائون: ”جڏهن کان مون نبي رحمت، شفيعِ اُمّت صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم کان اهو سُوال ڪيو



www.dawateislami.net

آهي مون کان کنهن بہ ان باري ۾ نہ پڇيو آهي: رسول الله صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم (منهنجي سُوال جي جواب ۾) فرمايو هو: ''اي عائشہ (رَضِىَ اللهُ تَعَالٰى عَنْهَا)! اهو الله جو ٻانهي سان مُعاهدو آهي، ان کي جيڪو بخار ٿئي، مُصيبت پهچي يا ڪنڊو لڳي ايستائين جو اهو جيڪا پنهنجي پونجي پنهنجي هٿ ۾ رکي ۽ ان کي نہ ڏسي تہ ان جي لاءِ بي چين ٿي وڃي پوءِ ان کي پنهنجي پاسي ۾ ڏسي، ايستائين جو مؤمِن پنهنجي گناهن کان ائين نڪري ويندو آهي جيئن ڳاڙهو سون ڀٺي مان نڪرندو آهي.

(اَلتَّرْغِيب وَالتَّرْهِيب، ڪتاب الجنائز الترغيب في الصبر سيما لمن۔۔۔الخ ، ص١٠٤٠، الحديث:٦٢)

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيْب! صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلٰى مُحَمَّد

## اِفطار ۾ جَلدي ڪرڻ

حضرتِ سيدُنا اَبو عَطِيہ رَضِىَ اللهُ تَعَالٰى عَنْهُ فرمائن ٿا تہ مان ۽ حضرتِ سيدُنا مَسروق رَضِي الله تَعَالٰي عَنْهما اُمُّ المؤمِنين حضرتِ سيدَتُنا عائشہ صِدِّيقہ رَضِىَ اللهُ تَعَالٰى عَنْهَا وٽ وياسين، اسان عرض ڪيو: اي اُمُّ المؤمِنين (رَضِىَ اللهُ تَعَالٰى عَنْهَا)! سرڪارِ عالي وقار، نبين جي سالار، شهنشاهِ ابرار صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي صحابين مان ٻہ حضرات آهن، هڪ تہ اِفطار بہ جلد ڪندا آهن ۽ نماز بہ جلد پڙهندا آهن ۽ ٻيا اِفطار ۾ بہ دير ڪندا آهن ۽ نماز بہ دير سان پڙهندا آهن. فرمائڻ لڳيون: "ڪير نماز ۽ اِفطار ۾ جلدي ڪندا آهن." اسان عرض ڪيو: عبدُالله(بن مسعود رَضِىَ اللهُ تَعَالٰى عَنْهُ) چيائون:" ائين ئي رسول الله صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم ڪندا هئا." ٻيا (شخص) حضرتِ ابوموسيٰ رَضِىَ اللهُ تَعَالٰى عَنْهُ آهن.

(صحيح مسلم، ڪتاب الصيام،باب فضل السحور وتاڪيد استحبابه۔۔۔۔۔الخ، ص٣٩٧، الحديث:٤٩-١٠٩٩)

شارِحِ مشڪوٰة، حڪيمُ الامّت حضرتِ علّامہ مفتي اَحمديارخان رَحْمَةُ اللهِ تَعَالٰي عَلَيه هن حديث شريف جي تحت فرمائن ٿا:" اهي ٻئي حضرات (يعني حضرتِ سيدُنا اَبو عَطِيہ ۽ حضرتِ سيدُنا مسروق رَضِي اللهُ تَعَالٰي عَنْهما) جليلُ القدْر تابعي آهن، انهن ۾



www.dawateislami.net

نمازِ مغرب ۽ روزو اِفطار بابت اِختِلاف ٿيو، فيصلي جي لاءِ اُمُّ المؤمِنين عائشه صِدِّيقه رَضِیَ اللہُ تَعَالٰی عَنۡہَا وٽ حاضِر ٿيا ڇاڪاڻ ته پاڻ (رَضِیَ اللہُ تَعَالٰی عَنۡہَا) وڏي فقيهه عالِمه هيون."

مفتي صاحب وڌيڪ فرمائن ٿا: "نماز مان مراد نمازِ مغرب آهي ۽ جلدي مان گهٽي ئي جلدي آفتاب جو ڪنارو لڪندي ئي بلڪل مُتَّصِل ۽ دَير مان مراد ڪجھ منٽ جي اِحتِياطاً دير ڪرڻ آهي نه اهو جو تارا ظاهر ٿيڻ تائين جي دير، ان ڪري انهن مان ڪنهن بُزُرگ تي اِعتِراض نه ٿيو، هڪ صاحب عزِيمت تي عمل ڪن ٿا جڏهن ته ٻيا رُخصت تي."

پوءِ فرمائن ٿا: "حضرت اُمُّ المؤمِنين (رَضِیَ اللہُ تَعَالٰی عَنۡہَا) جنابِ عبدُ الله (بن مسعود رَضِیَ اللہُ تَعَالٰی عَنۡہُ) جي عَمَل کي سُنَّتِ مُستحبه جي مُوافِق ٻڌايو ۽ ٿوري دير کي مُستحب قرار ڏنو، معلوم ٿيو ته جنابِ اُمُّ المؤمِنين(رَضِیَ اللہُ تَعَالٰی عَنۡہَا) مُصطفٰي صَلَّی اللہُ تَعَالٰی عَلَیۡہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم جي مِزاج ۽ اَحوال کي ڄاڻڻ واريون آهن. غالِب اهو آهي ته اها خبر حضرت اَبو موسيٰ اَشعري (رَضِیَ اللہُ تَعَالٰی عَنۡہُ) کي پهتي هوندي ۽ انهن پنهنجي عَمَل ۾ تبديلي ڪئي هوندي، صحابه کان اها توقُّع رکي ئي نٿي سگهجي ته حضورِ انور صَلَّی اللہُ تَعَالٰی عَلَیۡہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم جي عَمَل کان واقِف ٿي ڪري ان جي خِلاف ڪم ڪن. (مِراٰة المَناجِيح شَرْح مِشْكٰوة الْمَصَابِيح، كتاب الصوم، ۱۵۷/۳)

صَلُّوْا عَلَی الْحَبِیْب! صَلَّی اللہُ تَعَالٰی عَلٰی مُحَمَّد

منا منا اسلامي ڀائرو! اسان کي به گهرجي ته جيڪڏهن ڪنهن ڳالھ جو جيڪڏهن علم ناهي ته صحابهٔ ڪرام عَلَیۡہِمُ الرِّضۡوَان جي طريقي تي عمل ڪندي عالمن وٽ وڃي معلوم ڪيون ۽ پاڻ به علمِ دين حاصل ڪيون ۽ پنهنجي اولاد ۽ ٻيڻ ڀائرن کي به ان جي ترغيب ڏياريون، يقيناً مُعاشري ۾ جيتري قدر علمِ دين جا ڏيئا روشن ٿيندا، ايتري قدر جهالت جي اونداهي ختم ٿيندي ۽ جڏهن جهالت ختم ٿيندي ته لازمي طور تي گناهن جي سيلاب جو



www.dawateislami.net

زور تنندو، اهڙي طرح تمام جلد اسان جو مُعاشرو هڪ خوبصورت گلزار بڻجي ويندو. اِنْ شَآءَ اللّٰه عَزَّوَجَلَّ

اچو هاڻ قرآن ۽ حديث جي روشني ۾ علمِ دين جا ڪجهه فضائل پڙهون تا ته جيئن اسان جي دلين ۾ به علمِ دين سکڻ جو جذبو پيدا ٿئي. اللّٰه عَزَّوَجَلَّ قرآنِ ڪريم ۾ اهلِ علم جي شان ۽ عظمت کي بيان ڪندي ارشاد فرمائي ٿو:

قُلْ هَلْ يَسْتَوِى الَّذِيْنَ يَعْلَمُوْنَ وَ الَّذِيْنَ لَا يَعْلَمُوْنَ ؕ اِنَّمَا يَتَذَكَّرُ اُولُوا الْاَلْبَابِ ﴿۹﴾

**ترجمو ڪنزالايمان:** تون فرماءِ ڇا برابر آهن ڄاڻڻ وارا ۽ اڻ ڄاڻ نصحيت ته فقط عقل وارا مڃيندا آهن.

اَلْحَمْدُ لِلّٰه عَزَّوَجَلَّ احاديثِ مبارڪ به علمِ دين جي فضائل سان مالامال آهن. اچو هن باري ۾ 9 فرامينِ مُصْطَفٰي صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم پڙهون ٿا جيئن ته

1. عالم زمين ۾ اللّٰه عَزَّوَجَلَّ جي دليل ۽ حجت آهن .[1]
2. بيشڪ زمين تي عالمن جو مثال ان تارن وانگر آهي جنهن سان ڪائنات جي اونداهين ۾ رَهنُمائي حاصل ڪئي ويندي آهي ته جڏهن تارا جهڪا ٿي ويندا آهن ته قريب آهي ته هدايت وارا ماڻهو گمراه ٿي وڃن.[2]
3. علم سان گڏ ٿورو عمل به نفعو ڏيندو آهي پر جهالت سان گڏ گهڻو عمل به نفعو ناهي ڏيندو.[3]
4. اَلْعِلْمُ حَيَاةُ الْاِسْلَامِ وَعِمَادُ الْاِيْمَانِ علم اسلام جي زندگي ۽ دين جو ٿنڀو آهي.[4]

---

[1] … جامع صغير،فصل فی المحلی بال من هذا الحرف، ص ۳۴۹، حديث: ۵۶۵۸

[2] … مسند احمد ، مسند انس بن مالک بن النضر، ۳۱۴/۴،حديث:۱۲۶۰۰

[3] … جامع بيان العلم،باب جامع فی فضل العلم، ص ۶۵، حديث:۱۹۷

[4] … جمع الجوامع،حرف العين، المحلی بال من هذا الحرف، ۲۰۰/۵،حديث:۱۴۵۱۸



www.dawateislami.net

5. مَنْ طَلَبَ الْعِلْمَ تَكَفَّلَ اللهُ بِرِزْقِهٖ جيڪو شخص علم جي طلب ۾ رهندو آهي الله عَزَّوَجَلَّ ان جي رِزْق جو ضامن آهي.(1)

6. مَنْ سَلَكَ طَرِيقًا يَلْتَمِسُ فِيهِ عِلْمًا سَهَّلَ اللهُ لَهُ بِهٖ طَرِيقًا اِلَى الْجَنَّةِ جيڪو اهڙي راهه تي هلي جنهن ۾ علم کي تلاش ڪري، ان جي ڪري الله عَزَّوَجَلَّ ان جي لاءِ جنت جي راهه آسان ڪري ڇڏيندو آهي.(2)

7. عُلَماءِ، انبياءِ ڪرام عَلَيهِمُ السَّلَام جا وارث آهن، بيشڪ انبياءِ ڪرام عَلَيهِمُ السَّلَام دِرهم و دِينار جو وارث نه بڻائيندا آهن بلڪ اهي ته علم جو وارث بڻائيندا آهن، تنهنڪري جنهن علم حاصل ڪيو ان پنهنجو حصو ڪٺي ورتو ۽ عالمِ دين جو موت هڪ اهڙي آفت آهي، جنهن جو ازالو نٿو ٿي سگهي ۽ هڪ اهڙو ڪڏو آهي جنهن کي پري نٿو سگهجي (جڻ ته ) هو هڪ تارو هو جيڪو جهڪو ٿي ويو، هڪ قبيلي جو موت هڪ عالم جي موت جي مقابلي ۾ نهايت معمولي آهي.(3)

8. اسلام کي زنده ڪرڻ جي خاطر علم حاصل ڪندي جنهن کي موت اچي، ان جي ۽ انبياء جي وچ ۾ جنت ۾ (صرف) هڪ درجي جو فرق هوندو.(4)

9. مَنْ خَرَجَ فِي طَلَبِ الْعِلْمِ فَهُوَفِي سَبِيلِ اللهِ حَتّٰى يَرْجِعَ جيڪو شخص طلبِ علم جي لاءِ گهران نڪتو، ته جيستائين واپس نه موٽي الله عَزَّوَجَلَّ جي راهه ۾ آهي.(5)

هن آخري حديث شريف جي تحت مُفَسّرِ شهير، حڪيمُ الاُمَّت مفتي

---

1. … تاريخ بغداد، محمد بن القاسم بن هشام، ۳۹۸/۳
2. … مسلم، كتاب الذكر و الدعاء…الخ ، باب فضل الاجتماع…الخ،ص ۱۴۴۸، حديث: ۲۶۹۹
3. … شعب الايمان،باب فى طلب العلم،فصل فى فضل العلم و شرفه،۲۶۳/۲،حديث:۱۶۹۹
4. … دارمى،باب في فضل العلم و العالم،حديث:۳۵۴، ۱۱۲/۱
5. … ترمذى، ابوابُ العلم،باب فضل طلب العلم، حديث ۲۶۵۶،۲۹۵/۴



www.dawateislami.net

احمد يار خان رَحْمَةُاللهِ تَعَالٰی عَلَیْه فرمائن ٿا: يعني جيڪو بہ مسئلو معلوم ڪرڻ جي لاءِ پنهنجي گهران يا علم جي تلاش ۾ پنهنجي وطن مان عالمن وٽ ويو اهو بہ مُجَاهِد فِي سَبِيلِ الله(يعني راهِ خدا ۾ جهاد ڪرڻ واري وانگر) آهي. غازي جيان گهر موٽڻ تائين ان جو سمورو وقت ۽ هر حرڪت عبادت ٿيندي.[1]

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيْب! صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلٰى مُحَمَّد

مٺا مٺا اسلامي ڀائرو! ياد رهي! قرآن ۽ حديث ۾ علم حاصل ڪرڻ جا جيترا بہ فضائل بيان ٿيا آهن، ان مان مُراد ”علمِ دِين“ آهي، علمِ دين کي حاصل ڪرڻ جا ڪيئي ذريعا آهن، اسان ان مان ڪنهن بہ ذريعي سان علمِ دين حاصل ڪري سگهون ٿا: (1) درسِ نظامي (عالم ڪورس ) جي لاءِ جامعة المدينہ ۾ داخلہ وٺي باقاعده طور تي علمِ دين حاصل ڪيو، (2) علماءِ اهلسنت جي صُحْبَت ۾ رهي ڪري علمِ دين سکي وٺو، (3) اعليٰ حضرت، اِمام احمد رضا خان رَحْمَةُاللهِ تَعَالٰی عَلَیْه، امير اهلسنّت حضرت علامہ مولانا ابو بلال محمد الياس عطارقادري رضوي دَامَتْ بَرَکَاتُهُمُ الْعَالِيَه ۽ دعوتِ اسلامي جي اشاعتي اداري مڪتبة المدينہ جا ڪتاب ۽ رسالن جو مُطالعو فرمائيندا رهو، اِنْ شَآءَ الله عَزَّوَجَلّ معلومات جو ذخيرو هٿ ايندو، (4) مدني قافلن ۾ عاشقانِ رسول سان گڏ سنتن ڀري سفر کي پنهنجو معمول بڻايو، (5) سنتن ڀري اجتماعات ۽ درس و بيان ۾ پابندي سان شرڪت جي سعادت حاصل ڪيو، (6) مدني چينل جي ديني معلومات سان ڀرپور سلسلا ڏسڻ جي عادت بڻايو، (7) دعوتِ اسلامي جي مدني ماحول ۾ وقت بوقت ٿيڻ وارن مختلف ڪورسز (مثال طور 63 ڏينهن جو مدني تربيتي ڪورس، 41 ڏينهن جو مدني

[1] ... مرآةالمناجيح،١/٢٠٣



www.dawateislami.net

انعامات ومدني قافلہ ڪورس، 12 ڏينهن جو مدني ڪورس، فيضانِ قرآن و حديث ڪورس وغيره) ڪرڻ جي سعادت حاصل ڪيو، (8) دعوتِ اسلامي جي ويب سائٹ www.dawateislami.net جي وِزٹ ڪيو، هن ويب سائٹ تي موجود علمِ دين سان مالامال سوين ڪُتب ۽ رسالا ۽ سُنّتن ڀريا بيان ۽ مدني مذاڪرا فيضانِ علم عام ڪري رهيا هوندا (9) شيخِ طريقت ،امير اهلسنت دَامَتْ بَرَكَاتُهُمُ الْعَالِيَه جي هفتيوار مدني مذاڪرن ۾ اوّل کان آخر پابندي سان شرڪت جو معمول بڻائي ونو. انهن مان جيترا بہ وڌيڪ ذريعا اختيار ڪنداسين، اِنْ شَآءَ الله عَزَّوَجَلَّ ايتري قَدَر اسان جي علمِ دِين ۾ اِضافو پيو ٿيندو.

اَلْحَمْدُ لِلّٰه عَزَّوَجَلَّ تبليغِ قرآن ۽ سنت جي عالمگير غير سياسي تحريڪ دعوتِ اسلامي جي تحت مُلڪ ۽ ٻاهرين مُلڪ ۾ ڪيئي جامعات بنام ”جامعة المدينه“ قائم آهن، جن جي ذريعي بي شُمار اسلامي ڀائرن کي (ضرورت مطابق قيام ۽ طعام جي سهولت سان گڏ) درسِ نظامي يعني عالِم ڪورس ۽ اسلامي ڀينرن کي عالِمہ ڪورس جي مُفت تعليم ڏني ويندي آهي ۽ مدني مُنّن ۽ مدني مُنّين کي حفظ ۽ ناظره جي تعليم ڏيڻ جي لاءِ مُلڪ ۽ ٻاهرين مُلڪ سوين مدرسا بنام ”مدرسة المدينه“ بہ پنهنجو برڪتون عام ڪري رهيا آهن، انهن جامعاتُ المدينہ ۽ مدارسُ المدينہ ۾ اهڙو مدني ماحول فراهم ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي ويندي آهي، هتي پڙهڻ واري ۽ پڙهڻ واريون پنهنجي تعليم مڪمل ڪري علم وعمل جا پيڪر بڻجي سڄي دُنيا ۾ سُنّتن جون ڌومون مچائڻ ۽ دعوتِ اسلامي جي مدني پيغام کي عام ڪرڻ وارا بڻجي وڃن، ان ڪري اسان کي بہ گهرجي تہ پنهنجي اولاد کي سچو عاشقِ رسول ۽ حقيقي مُحبّ صحابہ ۽ اَهلبيت بڻايون، پنهنجي ۽ انهن جي قبر و آخرت سنوارڻ، اُنهن ‍کي علم وعمل جي راھ تي هلائڻ ۽ پاڻ لاءِ ۽ انهن جي لاءِ جنّت جي راھ بڻائڻ جي لاءِ جامعاتُ



www.dawateislami.net

المدينہ ۽ مدارسُ المدينہ ۾ داخلہ ڏياري پنهنجي لاءِ ثوابِ جاريہ جو ذريعو ڪيون.

اَلْحَمْدُلِلّٰه عَزَّوَجَلَّ جامعة المدينہ (للبنين) يعني اسلامي ڀائرن ۽ جامعة المدينہ (للبنات) يعني اسلامي ڀينرن جي جامعة المدينہ ۾ داخلا جاري آهن ۽10 شوال المڪرم 1437هہ (متوقع 16جولائي 2016ء) تائين داخلا جاري رهندا. داخلن جا خواهشمند پنهنجي پنهنجي شهرن جي جامعة المدينہ للبنين ۽ للبنات ۾ رابطو ڪن.

اوهان بہ پنهنجي ٻارن جي بهتر ديني تربيت ڪرائڻ، انهن کي نماز روزي جو عادي بنائڻ، فرائض ۽ واجبات، حلال و حرام، خريدو فروخت ۽ حُقُوقُ الْعِباد، وغيره جا شرعي اَحْڪام سکائڻ جي لاءِ جامعة المدينہ ۾ داخل ڪرايو تہ جيئن اوهان جا ٻار عِلْمِ دِين سکي ٻين کي سکارين ۽ اوهان جي اُخروي نجات جو ذريعو بڻجي سگهن. عِلْمِ دِين جي فضائل جي ڇا تہ ڳالهہ ڪجي! صَدرُالشَّريعہ حضرتِ علّامہ مولانا مفتي محمد امجد علي اعظمي رَحۡمَةُ اللهِ تَعَالٰی عَلَيۡه اِرْشاد فرمائن ٿا: علم اهڙي شيء ناهي جو جنهن جي فضيلت ۽ خوبيون بيان ڪرڻ جي حاجت هجي، سڄي دنيا کي خبر آهي تہ علم تمام بهتر شيء آهي ان کي حاصل ڪرڻ بلندي جي علامت آهي، هيءَ ئي اها شيء آهي جنهن سان انساني زندگي ڪامياب ۽ خوشگوار ٿيندي آهي ۽ ان سان دنيا ۽ آخرت بهتر ٿي ويندي آهي. (ان مان) اهو علم مُراد آهي جيڪو قرآن ۽ حديث مان حاصل ٿئي تہ هي ئي اهو علم آهي جنهن سان دنيا ۽ آخرت ٻئي سنورجي ويندا آهن ۽ اهو ئي علم نجات جو ذريعو آهي ۽ ان جون ئي قرآن ۽ حديث ۾ ساراهہ بيان ٿي آهي ۽ ان جي تعليم ڏانهن توجہ ڏياريو ويو آهي. (بهار شريعت، ٦١٨/٣، ملخصاً)



www.dawateislami.net

اَلْحَمْدُ لِلّٰہ عَزَّوَجَلَّ جامعة المدينہ ۾ طالبن کي نُورِ علم سان مُنوَّر ڪرڻ سان گڏوگڏ گناهن کان بچڻ ۽ نيڪيون ڪرڻ جي ترغيب بہ ڏياري ويندي آهي ان جي علاوه جامعة المدينہ جا طالب جدول جي مطابق راهِ خدا ۾ عاشقانِ رسول سان گڏ مدني قافلن جا مُسافر بڻجندا آهن بلڪ ڪجھ خوش نصيب تہ 12 مهينن جي مَدَني قافلي ۾ سفر جي سعادت بہ حاصل ڪندا آهن، شيخ طريقت،اَميرِ اهلسنّت دَامَتْ بَرَکَاتُهُمُ الْعَالِيَه جي عطا ڪيل 92 مدني انعامات تي عمل ڪندي روزانو مدني انعامات جو رسالو پري هر مدني مهيني جي پهرين تاريخ تي جمع ڪرائيندا آهن. اوهان بہ پنهنجي ٻارن کي جامعةالمدينہ ۾ داخل ڪرايو ۽ پنهنجي پائرن، دوستن، عزيزن ۽ ٻين مائٽن تي انفرادي ڪوشش ڪيو ۽ انهن کي پنهنجي ٻارن کي جامعة المدينہ ۾ داخل ڪرائڻ جو ذهن ڏيو. ان سان هر طرف علم جي روشني ڦهلجي ويندي ۽ جهالت جي اونداهي ختم ٿي ويندي ۽ اوهان جي لاءِ بہ صدقہ جاريہ جو سلسلو بہ ٿي ويندو. اِنْ شَآءَ الله عَزَّوَجَلَّ

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيْب! صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلٰى مُحَمَّد

**مٺا مٺا اسلامي ڀائرو!** اسان کي بہ گهرجي تہ اسان بہ حضرت سَيدَتُنا عائشہ صِدّيقہ رَضِيَ اللهُ تَعَالٰى عَنْهَا جي علمي شان و شوڪت کي مدّ نظر رکندي علمِ دين حاصل ڪيون ۽ پنهنجي اولاد جي ديني تعليم ۽ تَرْبِيتْ تي بہ خاص توجہ ڏيون، افسوس! اڄڪلہ اسلامي تعليمات کان دُوري ۽ اَغيار (يعني غير مسلمن) جي اندهي تقليد مسلمانن کي برباد ڪري ڇڏيو آهي، بدقسمتي سان هاڻي اسان جي رهڻي ڪهڻي جا طور طريقا ۽ رسم رواج اسلامي تعليمات جي سراسر خلاف نظر ايندا آهن، اهڙن مشڪل حالتن ۾ پنهنجي اولاد خاص ڪري نياڻي جي دُرُسْت اسلامي تَرْبِيت نهايت مشڪل نظر اچي پئي، تنهنڪري جيڪڏهن اسان پنهنجي نياڻي جي صحيح تَرْبِيت ڪرڻ چاهيون ٿا تہ سڀ



www.dawateislami.net

کان پهريان اسلامي معلومات حاصل ڪرڻ ضروري آهي تہ جيئن اسلامي تعليمات جي روشني ۾ اسان صحيح معني ۾ پنهنجو فرضِ منصبي اَدا ڪري سگهون، چوتہ اڄ جي ڌيءَ سڀاڻي ڪنهن جي گهرواري ۽ نُنهن ٿيندي، پوءِ ماءُ ۽ بعد ۾ سسُ بڻجندي، تنهنڪري اڄ جي نياڻي جي تَرْبِيت تي ڀرپور توجه ڏيڻ ضروري آهي تہ جيئن سڀاڻي اها بہ پنهنجي اولاد جي بهترين تَرْبِيت کان غفلت نہ ڪري.

اولاد جي مدني تربيت ڪيئن ڪئي وڃي؟ ان بابت بهترين معلومات حاصل ڪرڻ جي لاءِ مڪتبة المدينہ جا 3 رسالا ”تربيتِ اولاد، ڌيءَ جي پرورش، اولاد جا حق“ هديو ڏئي حاصل ڪيو ۽ ان مان حاصل ٿيڻ وارن مدني گلن جي روشني ۾ اولاد جي تربيت ڪرڻ جي ڪوشش ڪيو. اِنْ شَآءَ الله عَزَّوَجَلَّ دُنيا وآخرت ۾ خير ئي خير نصيب ٿيندو. اهي رسالا دعوتِ اسلامي جي ويب سائٽ www.dawateislami.net تان مُفت ۾ پڙهي سگهجن ٿا، ڊاؤن لوڊ ۽ پرنٽ آؤٽ بہ ڪري سگهجن ٿا.

صَلُّوْا عَلَی الْحَبِیْب! صَلَّی اللهُ تَعالٰی عَلٰی مُحَمَّد

**مٺا مٺا اسلامي ڀائرو!** اولاد جي بهتر تربيت ڪرڻ، نمازن ۽ نيڪي جي ڪمن تي اِسْتِقامت حاصِل ڪرڻ، ان طرح جي اخلاقي، معاشرتي ۽ ديني ڳالهيون ۽ خُوب خُوب سنتون ۽ آداب سکڻ جي لاءِ دعوتِ اسلامي جي مدني ماحول سان هر دم وابستہ رهو بلڪ زهي نصيب! هر اسلامي ڀاءُ موقعي مان فائدو وٺي دعوتِ اسلامي جي تحت ٿيڻ واري اجتماعي اعتڪاف جي سعادت بہ حاصل ڪري چوتہ عنقريب هاڻ رمضانُ المبارڪ جو اهو آخري عشرو شروع ٿيڻ وارو آهي جنهن ۾ لکين مسلمان خالق ۽ مالڪ عَزَّوَجَلَّ جي رضا حاصل ڪرڻ ۽ رسولِ اڪرم صَلَّی اللهُ تَعَالٰی عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي سُنّت تي عمل ڪرڻ جي نيت سان اعتڪاف جي سعادت حاصل ڪري بارگاهِ الٰهي مان تقسيم



www.dawateislami.net

ٿيڻ وارن انعامن جا حقدار ٿيندا آهن. اعتڪاف ڪرڻ وارو بہ ڪيتري قدر خوش قسمت هوندو آهي جو (خلافِ شرع ڪمن کان پاسو ڪرڻ صورت ۾) اُن جو هر هر لمحو عبادتِ الٰهي ۾ گذرندو آهي، معتڪف جيستائين اعتڪاف ۾ رهندو آهي ڪوڙ سارين برائين کان محفوظ رهندو آهي ۽ ان کي هر ڏينهن هڪ حج جو ثواب عطا ڪيو ويندو آهي جيئن

حضرتِ سيدُنا امام حسن بصري رَحْمَةُ اللهِ تَعَالٰی عَلَيْه کان منقول آهي: مُعْتَڪف کي هر ڏينهن هڪ حج جو ثواب ملندو آهي.[1] ۽ حضرت سيدُنا عطاء خُراساني رَحْمَةُ اللهِ تَعَالٰی عَلَيْه فرمائن ٿا: مُعتَڪف جو مِثال ان احرام ٻڌڻ واري شخص جيان آهي جيڪو الله عَزَّوَجَلَّ جي در تي اچي پيو آهي ۽ چئي رهيو هجي: ياالله عَزَّوَجَلَّ!جيستائين تون منهنجي مغفِرت نہ ڪندين مان هتان کان نہ هٽندس.[2]

اَلْحَمْدُ لِلّٰه عَزَّوَجَلَّ تبليغ قرآن و سنت جي عالمگير غير سياسي تحريڪ دعوتِ اسلامي جي مدني ماحول ۾ مُلڪ ۽ ٻاهرين مُلڪ ڪيئي مقامات تي آخري عشري جي اعتڪاف جي سنت کي زنده رکڻ جي لاءِ آخري عشري جي اجتماعي اعتڪاف جو خُصُوصيت سان اهتمام ڪيو ويندو آهي، سنتِ اعتڪاف جي سعادت ماڻڻ وارن جي لاءِ باقاعده هڪ جدول ترتيب ڏنو ويندو آهي تہ جيئن الله عَزَّوَجَلَّ جي گهر جا اهي مُعزَّز مهمان جنهن مقصد جي لاءِ آيا آهن ان ۾ ڪاميابي حاصل ڪري سگهن، اُنهن کي مناسب سهولتون ڏيڻ جي ڪوشش ڪئي ويندي آهي تہ جيئن عاشقانِ رمضان ۽ عاشقانِ اعتڪاف يڪسوئي ۽ دِلجمعي سان سکڻ سيکارڻ جي حلقن ۾ شامل ٿي

---

[1] ... شعب الايمان،باب فی الاعتکاف،۳/۴۲۵،حديث ۳۹۶۸

[2] ... شعب الايمان،باب فی الاعتکاف،۳ /۴۲۶، حديث: ۳۹۷۰



www.dawateislami.net

سگھن. قرآنِ ڪريم جي دُرست مخارج سان تلاوت، نماز جا بنيادي مسئلا، وضو ۽ غسل جا مسئلا، سُنّتون ۽ آداب، دعائون، ڪلما، سورتون ۽ ٻيا ڪيئي مدني گل سکڻ سيکارڻ جي علاوه مدني درس (درسِ فيضانِ سُنّت) ۽ سنتون ڀريا اصلاحي بيان، آڊيو مدني مذاڪرا ٻڌڻ ٻڌائڻ جو بہ اهتمام ڪيو ويندو آهي ۽ معتڪفين کي گُناهن کان بچندو رهڻ، اڳوڻن گُناهن کان توبہ ڪرڻ، قضا نمازن جي ادائيگي، سُنّتن ڀري زندگي گذارڻ، دعوتِ اسلامي جي مدني ماحول سان وابستہ رهڻ، پنهنجي گهرن، علاقن ۽ شهرن ۾ دعوتِ اسلامي جي مدني ڪمن جون ذمون مچائڻ، مدني انعامات تي عمل، مدني قافلن ۾ سفر ڪرڻ ۽ انفرادي ڪوشش جي ذريعي ٻين مسلمانن کي مدني ڪم جي ترغيب ڏيارڻ، ذميدارن ۽ والدين جي اطاعت ۽ حقوقُ الله ۽ حقوقُ العباد جي ادائيگي ڪرڻ جو ڀرپور مدني ذهن ڏنو ويندو آهي، تنهنڪري تمام اسلامي ڀائرن سان هن اجتماعي اعتڪاف ۾ شامل ٿيڻ جي مدني التجاء آهي.

صَلُّوا عَلَى الْحَبِيب! صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلٰى مُحَمَّد

مٺا مٺا اسلامي ڀائرو ! بيان کي ختم ڪندي سنّت جي فضيلت ۽ ڪجھ سنّتون ۽ آداب بيان ڪرڻ جي سعادت حاصل ڪيان ٿو، تاجدارِ رسالت، شهنشاهِ نُبُوّت، مصطفيٰ جانِ رحمت صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جو فرمان جنّت نشان آهي: جنهن منهنجي سنّت سان محبت ڪئي ان مون سان محبت ڪئي ۽ جنهن مون سان محبت ڪئي اهو جنّت ۾ مون سان گڏ هوندو.(1)

ان کی سنّت کا جو آئینہ دار ہے — بس وُہی تو جہاں میں سمجھدار ہے

(وسائلِ بخشش، ص ۴۷۲)

صَلُّوا عَلَى الْحَبِيب! صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلٰى مُحَمَّد

---

[1]... مشكاة الصابيح،كتاب الايمان،باب الاعتصام بالكتاب والسنة،۱/۹۷،حديث:۱۷۵



www.dawateislami.net

## سُرمو لڳائڻ جون سنتون ۽ آداب

اچو تہ! شيخِ طريقت، اميرِ اَهلسنّت دَامَتۡ بَرَكَاتُهُمُ الۡعَالِيَه جي رسالي ”101 مدني گل“ سرمو پائڻ جون سنتون ۽ آداب پڙون ٿا. فرمان مصطفيٰ صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم آهي: ﴿1﴾ ”سنن ابن ماجہ“ جي روايت ۾ آهي: ”سيني سرمن مان بهتر سرمو ”اِثمِد“ آهي جو اهو نظر کي روشن ڪري ۽ پلڪون وڌائي ٿو“. (ابن ماجه، حديث 3497 ج 4 ص 115) ﴿2﴾ پٿر جو سرمو استعمال ڪرڻ ۾ حرج ناهي ۽ ڪارو سرمو يا ڪجل زينت جي قصد (يعني زينت جي ارادي) سان مرد کي لڳائڻ مڪروه آهي ۽ زينت جو ارادو نہ هجي تہ ڪراهت ناهي. (عالمگيري ج 5 ص 359) ﴿3﴾ سرمو سمهڻ مهل استعمال ڪرڻ سنّت آهي. (مِراٰۃُ المناجيح ج 6 ص 180) ﴿4﴾ سرمي استعمال ڪرڻ جي ٽن منقول طريقن جو خلاصو پيش خدمت آهي: (1) ڪڏهن ٻنهي اکين ۾ ٽي ٽي سرائيون (2) ڪڏهن ساڄي اک ۾ ٽي ۽ کابي ۾ ٻہ، (3) تہ ڪڏهن ٻنهي اکين ۾ ٻہ ٻہ ۽ وري آخر ۾ هڪ سرائي کي سرمي واري ڪري ان کي واري واري سان ٻنهي اکين ۾ لڳايو. (شعب الايمان ج 5 ص 218، 219) اهڙي طرح ڪرڻ سان اِنْ شَآءَاللّٰه عَزَّوَجَلَّ ٽنهي طريقن تي عمل ٿيندو رهندو.

صَلُّوۡا عَلَى الۡحَبِيۡب! صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلٰى مُحَمَّد

طرح طرح جون هزارين سنتون سکڻ جي لاءِ **مڪتبة المدينہ** جي شايع ٿيل ڪتاب 312 صفحن تي مشتمل ڪتاب ”**بهارِ شريعت**“ حصو 16 ۽ 120 صفحن جو ڪتاب ”**سنتيں ۽ آداب**“ هديو ڏئي حاصل ڪيو ۽ پڙهو. سنتن جي تربيت جو هڪ بهترين ذريعو دعوت اسلامي جي مدني قافلن ۾ عاشقان رسول سان گڏ سنتن ڀريو سفر آهي. (101مدنی پھول، ص۲۷)

علم حاصل کرو، جہل زائل کرو · پاؤ گے راحتیں، قافلے میں چلو
سنّتیں سیکھنے، تین دن کے لیے · ہر مہینے چلیں، قافلے میں چلو

صَلُّوۡا عَلَى الۡحَبِيۡب! صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلٰى مُحَمَّد



www.dawateislami.net

# دعوتِ اسلامي جي هفتيوار سنتن ڀري

# اِجتِماع ۾ پڙهيا ويندڙ 6 درود شريف ۽ 2 دعائون

## (1) جمعه جي رات جو دُرُود

اَللّٰھُمَّ صَلِّ وَسَلِّمْ وَبَارِكْ عَلٰى سَيِّدِنَا مُحَمَّدِ ِالنَّبِيِّ الْاُمِّيِّ
الْحَبِيْبِ الْعَالِي الْقَدْرِ الْعَظِيْمِ الْجَاهِ وَعَلٰى اٰلِهٖ وَصَحْبِهٖ وَسَلِّمْ

بزرگن فرمايو آهي تہ جيڪو شخص هر جمعرات (جمعه ۽ خميس جي وچين رات) هن دُرُود شريف کي پابندي سان گهٽ ۾ گهٽ هڪ ڀيرو پڙهندو موت جي وقت سرڪار مدينہ صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي زيارت ڪندو ۽ قبر ۾ داخل ٿيڻ وقت بہ ايستائين هو ڏسندو تہ سرڪار مدينہ صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم ان کي پنهنجي هٿن سان قبر ۾ داخل ڪري رهيا آهن.[1]

## (2) سمورا گُناه مُعاف

اَللّٰھُمَّ صَلِّ عَلٰى سَيِّدِنَا وَمَوْلَانَا مُحَمَّدٍ وَّعَلٰى اٰلِهٖ وَسَلِّمْ

حضرتِ سَيِّدُنا انس رَضِيَ اللهُ تَعَالٰى عَنْهُ کان روايت آهي تہ تاجدارِ مدينه صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن فرمايو: جيڪو شَخص هي دُرُود شريف پڙهي جيڪڏهن بيٺل هو تو ويهڻ کان پهريان ۽ ويٺل هو تہ بيهڻ کان پهريان، ان جا گناهہ معاف ڪيا ويندا.[2]

[1]...افضل الصلوات على سيد السادات، الصلاة السادسة والخمسون، ص151ملخصًا

[2]...افضل الصلوات على سيد السادات، الصلاة الحادية عشرة، ص 65



www.dawateislami.net

## (3) رَحمت جا ستر دروازا

صَلَّى اللّٰهُ عَلٰى مُحَمَّدٍ

جيڪو هي دُرُود شريف پڙهندو آهي ان تي رحمت جا ستر دروازا کوليا ويندا آهن.[1]

## (4) ڇهه لک دُرُودشريفن جو ثواب

اَللّٰهُمَّ صَلِّ عَلٰى سَيِّدِنَا مُحَمَّدٍ عَدَدَ مَا فِيْ عِلْمِ اللّٰهِ صَلَاةً دَآئِمَةً بِدَوَامِ مُلْكِ اللّٰهِ

حضرت اَحمد صاوِي عَلَيهِ رَحمَةُ اللهِ الهَادِی ڪن بُزرگن کان نقل ڪن ٿا هن دُرُود شريف کي هڪ ڀيرو پڙهڻ سان ڇهه لک دُرُودشريف پڙهڻ جو ثواب حاصل ٿيندو آهي.[2]

## (5) قُربِ مُصطَفٰي صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيهِ واٰلِهٖ وَسَلَّم

اَللّٰهُمَّ صَلِّ عَلٰى مُحَمَّدٍ كَمَا تُحِبُّ وَ تَرضٰى لَهٗ

هڪ ڏينهن هڪ شَخص آيو تہ حُضُورِ اَنور صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيهِ واٰلِهٖ وَسَلَّم کيس پنهنجي ۽ صِدّيقِ اڪبر رَضِيَ اللهُ تَعَالٰى عَنهُ جي وچ ۾ ويهاريو، انهيءَ تي صَحابہَ ڪرام رَضِيَ اللهُ تَعَالٰى عَنهُم کي تَعَجُّب ٿيو تہ اهو مرتبي وارو شخص ڪير آهي جڏهن اهو هليو ويو تہ سرڪار مدينہ صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيهِ واٰلِهٖ وَسَلَّم جن فرمايو: هو جڏهن مون تي دُرُودِ پاڪ پڙهندو آهي تہ هيئن پڙهندو آهي.[3]

---

[1]…القول البديع، الباب الثانی، ص277،

[2]…افضل الصلوات علی سید السادات، الصلاة الثانیة والخمسون، ص149

[3]…القول البديع، الباب الاول، ص125



www.dawateislami.net

## (6) دُرُود شَفَاعت

اَللّٰهُمَّ صَلِّ عَلٰى مُحَمَّدٍ وَّاَنْزِلْهُ الْمَقْعَدَ الْمُقَرَّبَ عِنْدَكَ يَوْمَ الْقِيَامَةِ

شافع امم صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن جو فرمان معظم آهي: جيڪو شخص هي درود پاڪ پڙهي ان جي لاءِ منهنجي شفاعت واجب ٿي ويندي آهي.[1]

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيْب! صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلٰى مُحَمَّد

### (1) هڪ هزار ڏينهن جون نيڪيون

جَزَى اللّٰهُ عَنَّا مُحَمَّدًا مَا هُوَ اَهْلُهٗ

حضرتِ سَيِّدُنا ابنِ عباس رَضِيَ اللهُ تَعَالٰى عَنْهُ کان رِوايت آهي ته سرڪارِ مدينه صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن فرمايو: هي درود شريف پڙهڻ واري جي لاءِ ستر فرشتا هڪ هزار ڏينهن تائين نيڪيون لکندا آهن.[2]

### (2) جڻ شبِ قدر حاصل ڪري ورتي

لَآ اِلٰهَ اِلَّا اللّٰهُ الْحَلِيْمُ الْكَرِيْمُ،

سُبْحٰنَ اللّٰهِ رَبِّ السَّمٰوٰتِ السَّبْعِ وَرَبِّ الْعَرْشِ الْعَظِيْم

(خداءِ حليم و ڪريم کان سواءِ ڪوئي عبادت جي لائق ناهي، الله عَزَّوَجَلَّ پاڪ آهي جيڪو ستن آسمانن ۽ عرشِ عظيم جو پروردگار آهي) **فرمانِ مصطفيٰ** صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم: جنهن هن دُعا کي ٽي ڀيرا پڙهيو جڻ ان شبِ قدر کي حاصل ڪري ورتو. (ابنِ عساڪر ج 19، ص 155، حديث 4455)

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيْب! صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلٰى مُحَمَّد

---

1 ... الترغيب والترهيب، ج ٢، ص ٣٢٩، حديث ٣١

2 ... مجمع الزوائد،ڪتاب الادعية،باب فى ڪيفية الصلاة...الخ،254/10،حديث:17305



www.dawateislami.net